# سنڌي ٻولي جي نصاب تي نظر ثانيءَ جي رپورٽ

سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي پاران سنڌي ٻولي جي نصاب لاءِ مقرر ڪيل ڪميٽي جي ٽن ڏينهن واري گڏجاڻي ’ سنڌي نصاب درجي ڇهين، ستين ۽ اٺين ‘ جي نظر ثانيءَ لاءِ 12 کان 14 نومبر2014 ع تي پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب (چيئر مين) جي صدارت ۾ گورنمينٽ ايليمينٽري ڪاليج آف ايجوڪيشن (مين) حيدرآباد ۾ ٿي ، جنهن ۾ هيٺين ميمبرن شرڪت ڪئي.

| | |
|---|---|
| ▪ مشتاق احمد شاهاڻي | نگران اعليٰ/ ڊائريڪٽر |
| 1. پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا | چيئر مين |
| 2. محترما تحسين ڪو ثر انصاري | ميمبر |
| 3. جناب شفيع محمد چانڊيو | ميمبر |
| 4. جناب محمد ادريس جتوئي | ميمبر / سيڪريٽري |

گڏجاڻي، تلاوت ڪلام پاڪ سان شروع ٿي. افتتاحي اجلاس ۾ جناب مشتاق احمد شاهاڻي ڊائريڪٽر بيورو آف ڪريڪيولم ۽ ايڪسٽينشن ونگ سنڌ ڄامشورو، آيل ڪاميٽين جي ميمبرن جي آجيان ڪئي ۽ نصاب جي نظرثانيءَ لاءِ ToRs جي وضاحت ڪئي. ان کان پوءِ درسي ڪتابن ۽ نصاب جي لاءِ صوبائي ايڊوائزري ڪميٽيءَ جي ميمبر محترمہ ڊاڪٽر برناڊيٽ ۽ محترمہ رعنا حسين نصاب جي ضرورتن ۽ گهرجن تي روشني وڌي ۽ نظرثاني لاءِ طريقي ڪار تي پڻ ميمبرن سان بحث مباحثو ڪيو. منجهند جي ماني کان پوءِ سيني مضمونن جي ڪاميٽين پنهنجو الڳ الڳ ڪم شروع ڪيو. سنڌي ٻولي جي ڪاميٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻوليءَ جي نصاب جي تقاضائن ۽ لساني مهارتن جي اهميت ۽ SLOs جي افاديت ۽ مطابقت بيان ڪئي ۽ نظر ثانيءَ لاءِ اختيارين پاران ڏنل ToRs تي روشني وڌي.

اُن کان پوءِ نصاب (ڇهين درجي کان اٺين درجي تائين) تي مقرر ڪيل اصولن موجب نظر ثاني ڪئي ويئي (نظر ثاني ٿيل نصاب جي لاڳاپيل رپورٽ ضميمو (الف) ) ۽ اتفاق راءِ سان هيٺيون ترميمون ۽ سفارشون تجويز ڪيون ويون.

عام سفارشون:

- سنڌي ٻوليءَ جو نصاب بهتر ۽ لچڪدار آهي، ان ۾ مختصر تبديليون ۽ درستيون عمل ۾ آنديون وڃن. نصاب تي صحيح نموني عمل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته درسي ڪتاب، نصاب جي گهرجن موجب تيار ڪرايا وڃن، استادن کي نئين نصاب موجب تربيت ڏني وڃي ۽ امتحاني نظام کي پڻ نئين نصاب جي روشني ۾ تبديلي ڪيو وڃي.

- درسي ڪتابن جي تياريءَ کان پهرين قومي نصاب ڪاميٽي جي ميمبرن ۽ ليکڪن جو گڏيل اجلاس منعقد ڪيو وڃي، جنهن ۾ لکندڙن کي نصاب جي گُهرجن کان واقف ڪيو وڃي، ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي مقصدن جو مڪمل پورائو ٿي سگهي.

- درسي ڪتابن لکڻ لاءِ معياري، موزون ۽ مناسب سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪن جي چونڊ ڪئي وڃي ۽ ڪتاب لکڻ کان اڳ انهن کان نئين نصاب موجب نموني طور سبق لکرايا وڃن ۽ انهن جي منظوريءَ کانپوءِ انهن کي ڪتاب لکڻ جي آڇ ڏني وڃي.

- درسي ڪتابن جي لکڻ ۾ دلچسپي وٺندڙ ليکڪن ۽ ورڪنگ ٽيچرس کي تربيت ڏيڻ لاءِ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، بيورو آف ڪريڪيولم ۽ سنڌي لئنگويج اٿارٽي جي گڏيل سهڪار سان ليکڪن جو تربيتي ورڪشاپ لئنگيج اٿارٽي ۾ منعقد ڪيو وڃي. ان ورڪشاپ لاءِ قابل ۽ ماهر رسورس پرسنس جي چونڊ ڪئي وڃي ۽ ان ۾ قومي نصاب ڪاميٽي جي رڪنن ۽ ٻين کي به شامل ڪيو وڃي.

- ڪاميٽي اهو سمجهي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جي نصاب ۾ ڄاڻايل سکيا جا اهم شعبا (Key Learning Areas) مناسب ڏنل آهن. ڪجهه معيار، حد تدريج ۽ سکيا جي حاصلاتن (SLOs) عنوانن، درسي ڪتابن جي تياري لاءِ هدايتن ۽ جائزي ۾ مختصر واڌارو ۽ تبديليون عمل ۾ آنديون وڃن.

## ضميمو (الف)

## سنڌي ٻوليءَ جو نصاب (ڇهين کان اٺين درجي لاءِ)

## نظر ثاني لاءِ تجويزون ۽ رٿون

- **سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جي اهميت:**صفحي نمبر1 نُڪتي 3 ۾
لفظ ’صوبن‘ بدران ’رياستن‘ ڪيو وڃي ۽ عرب امارتن کان پوءِ ’وغيره‘ لکيو وڃي.
- صفحي 4 جي خاص هدف نمبر 1 ۾ لفظ ’جوڙجڪ‘ بدران لفظ ’سٽاءُ‘ لکيو وڃي.
- صفحي نمبر 5 جي ڏنل تدريسي مقصدن ۾ اعلىٰ ثانوي سطح سان گڏ ’ثانوي ۽‘ جو اضافو ڪيو وڃي ۽ ان جي نمبر 1 ۾ ’مڪمل‘ لفظ ختم ڪيو وڃي.
- **ٻڌڻ** (Listening): صفحي نمبر 9 تي ڇهين ڪان اٺين درجي جي Benchmark 1 ۾ لفظ ’نظم‘ جو واڌارو ڪيو وڃي ۽ 3 ۾ ’ادبي‘ جو اضافو ڪيو وڃي.
- **لکڻ** (Writing) : صفحي 19 ۾ ڇهين ڪلاس جي SLO No.1 مان ’هڪ تفصيلي‘ ختم ڪري لفظ ’مختصر‘ لکيو وڃي
- **تقرير** (Speech) : بيهڪ جي نشانين جي دُرستي عمل ۾ آندي وڃي
- **مضمون نويسي** (Creative Writing) : صفحي 23 تي ’مضمون نويسي‘ سان گڏ ڏنگين ۾ ’تخليقي تحرير‘ لکيو وڃي.
- صفحي نمبر 24 تي ڇهين ڪلاس جي SLO 2 ۾ ’لکڻ‘ ختم ڪري ’لکڻيءَ‘ ڏنو وڃي
- **زبان شناسي** (Linguistic Cognition) : صفحي نمبر 27 تي SLOs جي ترتيب درجن جي لحاظ کان ڪئي وڃي.
- پسنديدگي ۽ تنقيد: صفحي نمبر 30 تي درجي ڇهين ۽ ستين لاءِ هيٺيان SLO تجويز ڪجن ٿا.

  SLO VI : ڪنهن بہ تحرير (نظم ۽ نثر) جي پسنديدگيءَ جو اظهار ڪري سگهي.

  SLO VII : ڪنهن بہ تحرير (نظم ۽ نثر) جي پسنديدگيءَ جو سبب ٻڌائي سگهي.
- زندگيءَ جون مهارتون Life Skills : صفحي نمبر 33 تي Benchmark تي نمبر3 ڏنو وڃي. ڪلاس اٺين ۾ 5 SLO کان 10 SLO تائين جو واڌارو هيٺين ريت ڪيو ويو.

  SLO 5 : ثقافتي ۽ سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.

  SLO 6 : مختلف واقعن، سير سفر، تقريبن ۽ مختلف ڏڻن جا احوال تفصيلي طور لکي سگهي.

  SLO 7 : سُڌ سماءُ جي مختلف پروگرامن بابت احوال لکي سگهي.

SLO 8 : سنڌيءَ ۾ اي ميل ڪري سگهي.

SLO 9 : لائبرريءَ جي عام معلومات حاصل ڪري سگهي.

SLO 10 : اخبارن ۽ رسالن لاءِ مختصر خبرون لکي سگهي.

- ڪلاس ڇهين جي SLO 7 ۾ لفظ ’بچاءُ‘ بدران لفظ ’ بيان‘ ڏنو وڃي ۽ SLO 8 ۾ ’وغيره پڙهي‘ ختم ڪري ان ۾ ’جي بنيادي ڄاڻ حاصل ڪري‘ ڏنو وڃي. SLO 9 ۾ لفظ ’ڪڍي‘ ختم ڪري ’حاصل ڪري‘ ڏنو وڃي.

## ڇهين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل عنوان

- عنوان 2 کي ’جديد سائنسي ايجادون ۽ ڪوجنائون‘ لکيو وڃي. عنوان 4 کي ’قومي ڏڻ‘ لکيو وڃي. عنوان 7 ۾ ’علم رياضيءَ جو تعارف ۽ اهميت‘ لکيو وڃي، عنوان 11 ۾ ’ڏيهي رانديون‘ لکيو وڃي جڏهن تہ هيٺيان عنوان ڇهين درجي ۾ ڏنا وڃن.
    - سير سفر تي ٻڌل آکاڻي.
    - گهرو اقتصاديات (گهروهنر).
    - رستي تي هلڻ جا قاعدا: (’ٽرئفڪ جا اصول مڪالمن ۽ تصويرن جي صورت ۾ ‘ سمجهايا وڃن.)
    - شهري حق ۽ سماجي ذميواريون.
    - سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان (پنيور).
    - عنوان 9 اخلاقيات شيخ سعدي ڪانپوءِ ’صبر، تحمل، رواداري ۽ برابري جي حوالي ڪان‘ لکيو وڃي.
    - صفحي نمبر 44-43 ۾ دُرستيون عمل ۾ آنديون وڃن

## ستين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل عنوان

- صفحي 46 تي عنوان 12 سماجي آداب جي آڏو (سماجي هم آهنگي) لکيو وڃي. عنوان 16 ۾ علم جي اهميت آڏو (پاڻ سڳورن وٽ علم جي اهميت) لکيو وڃي.
- هڪ نئون عنوان 'سنڌ جا هنر' لکيو وڃي عنوان 21 ۾ 'رني ڪوٽ' لکيو وڃي.
- عنوان 19 صفحي 47 تي پاڪستان جا صوبا جي آڏو (پاڪستان جي مختلف علائقن جي ثقافت ۽ قومي ٻڌي) لکيو وڃي ۽ لفظ فيچر ڪان پوءِ 'مڪالما ۽ سفرناما' ڏنو وڃي.

## اٺين ڪلاس لاءِ تجويز ڪيل عنوان

- صفحي 49 عنوان 10 ۾ پاڪستاني تهذيب ۽ ثقافت ڪانپوءِ ڏنگين ۾ (سنڌ صوبي جي تهذيب جو ذڪر به هجي) لکيو وڃي. عنوان جي صفحي 49 ۾ سائنسي ترقي آڏو (انفارميشن ٽيڪنالوجي جي حوالي سان) لکيو وڃي، صفحي 50 تي 21 نمبر عنوان 'سنڌ جا تاريخي ماڳ مڪان' (مڪليءَ جو سير) ڏنو وڃي. 22 نمبر عنوان 'قدرتي آفتون' وڌايو وڃي.
- صفحي 51 جي گرامر ۾ 'قافيي جي ڄاڻ' ڏنو وڃي.

**درسي ڪتابن جي تياري:** صفحي 56 تي درسي ڪتابن جي تياري واري پاڱي ۾ هيٺ ڏنل سفارش جو اضافو ڪيو وڃي، ۽ نمبرن کي ترتيب سان لکيو وڃي.

سفارش نمبر 7 جي آخري ۾ لکيو وڃي،'شخصيتن جي چونڊ ۾ مثالي عورتن جي ڪردارن کي به شامل ڪيو وڃي ۽ اهڙين غير مسلم شخصيتن (اقليتن) جن جو ملڪ ۽ سنڌ جي تعليمي، ثقافتي ۽ سماجي ڀلائي ۾ ڪردار هجي، ته انهن کي پڻ شامل ڪجي'.

**سفارش 9:** ڪتابن مُرتب ڪرڻ وقت پرائمري ۽ ثانوي سطح جي عنوانن ۽ متن کي ضرور ڏنو وڃي، ته جيئن انهن جو غير ضروري ورجاءُ نه ٿئي. سفارش 10 جي آخر ۾ لکيو وڃي، 'پهرين کان اٺين درجي جي درسي ڪتابن لاءِ نظمن جي چونڊ ڪرڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته مروج ڪتابن ۾ گهربل عنوانن تي اڳ ڏنل مجيل ۽ مقبول شاعرن جي شاعري کي اوليت ڏيڻ گهُرجي، نظم اهڙا چونديا وڃن، جيڪي ٻارن جي عمر، درجي، ذهني پهچ ۽ ٻوليءَ جي گهُرجن موجب هجن'.

**تعليمي سرگرميون:** صفحي 58 تي 3 نمبر ۾ علمي آلبم ۾ ’تصويرن‘ ڪانپوءِ ’نقشا‘ به لکيو ويو.

**تدريسي مددي شيون:** صفحي 60 تي ريڊيو ۽ ٽي وي ڪانپوءِ ’۽ انٽرنيٽ تان‘ ڏنو ويو. سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جي مددي شين جي نمبر7 ۾ قومي ’شخصيت‘ ڪانپوءِ ۽ ’مشاهيرن‘ جو لفظ۽ 8 نمبر ۾ گرامر جا چارٽ ڪانپوءِ نقشا ڏنو ويو.

**اُستادن جي سکيا:** صفحي نمبر 61 جي 5 نمبر ۾ ’ٽيليويزن‘ ڪانپوءِ ’ڪمپيوٽر‘ ڏنو ويو.

**جائزو ۽ امتحان:** صفحي نمبر 63 ۾ هيٺين پئرا جي واڌ ڪئي وئي.

- جائزي وٺڻ وقت ان ڳالهه جو خاص طور خيال رکجي ته حد تدريج موجب جيڪي سکيا جي حاصلات (SLOs) مقرر ڪيا ويا آهن، انهن مطابق جائزو ورتو وڃي.
- سنڌي ٻوليءَ جي آزمائش ذريعي ٻوليءَ جي سيني مهارتن کي جانچيو يا پرکيو وڃي ۽ شاگردن جي جانچ جو رڪارڊ پڻ رکجي. موضوعي سوالن کي جانچڻ لاءِ (Rubrics) تيار ڪئي وڃي.